© rasailojaraid.com



يندو_
ٻئي هنڌ ارشاد آهِ:

وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِىْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ (٢)

۽ جهڙا (حق) انهن زالن تي آهن تهڙ حقوق سندن مرسن تي چڱي طرح سان بيان ڪيل آهن_

قرآن پاڪ جي آيتن جي روشني ۾ بيان ڪيل آهن ثابت ثيوته قانوي مرد ۽ عورت ۾ ڪو امتياز نة ڪيو ويو آهي البتة ايمان ۽ اعمال صالحه تي درجات رڪيل آهن_

حديث شريف ۾ نبي اڪرم صلي الله ہ علية وسلم پڻ ان جي وضاحت بيان فرمائي آه:

الدنيا متاعٌ وخير متاعها امرأة الصّالحه (٣)

دنيا سامان آهِ ان جو بهترين سامان نيڪ عورت آهِ هي مطلقه عورت جي متعلق آهِ باقي عورت جون مختلف حيثيتن بابت اسلام ۾ عليحدة حقوق ۽ فرائض بيان تيل آهن_

عورت جون اڪثر ٣ حيثيتون آهن:

١:نياڻي، ٢:زال، ٣:ماء

اسلام عورت جي ٿنهي حيثين ڪي جدا جدا حقوق و فرائض سان متعارف ڪرايا آهن_

## عورت بحيثيت نياڻي:

اسلام ڪان اڳ معاشري ۾ نياڻي ڪي عيب تصور ڪيو ويند و هو ڪيس اڪثر ڪري زندة دفن ڪيو ويند هو جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهِ:

وَ اِذَا الْمَوْءٗدَةُ سُئِلَتْ ۝٨ بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ ۝٩ (٤)

۽ جڏهن جيئري نياڻي پڇي ته ڪهڙي ڏوهه سبب

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



آهي جنهنجو نالو آهي سورة النساء جنهن ۾ سندن حقوق ۽ فرائض جو خاص ذڪرٿيل آهي۔

جنين ارشاد باري تعالي آهي:

(١) وَعَاشِرُوهُنَّ بِالْمَعْرُوفِ ۽ زالن سان چڱي طرح گذربسر ڪريو (١٩)

(٢) زال مڙس جو تعلق سبب ڪان اول نڪاح سان ٿئي ٿو اف ۾ پهريون شرط حق مهر آهي اهوبه حيثيت مطابق آهي۔

جنين ارشاد آهي:

عَلَى الْمُوسِعِ قَدَرُهُ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهُ (٢٠)

يعني طاقت واري تي سندس حيثيت مطابق ۽ تنگ دست تي سندس حيثيت مطابق ڏهو آهي۔

(٣) وَآتُوا النِّسَاءَ صَدُقَاتِهِنَّ نِحْلَةً (٢١)

۽ توهان زالن کي سندن مهر خوش دلي سان ڏيو جناب رسول اڪرم صلي الله علية وسلم جن فرمايو آهي

جنهن مردان ارادي سان شادي ڪئي نه حق مهر ادا نه ڪندس ته ان جو نڪاح ني ته ٿيو

(٤) اهڙي طرح سندس اولاد متعلق به حڪم آهي وعلى المولودله رزقهنّ ۽ سندس تي لازم آهي اولاد جو کاڌو پتيو وڪسوتهن (٢٢)

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم الا وستوصوا بالنساء خيرا ۔۔(٢٣)

فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم ته وصيت قبول ڪريو ته عورتن سان ڀلائي ڪندا هو

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اهي عورتون مڙس جي غير موجودگي ۾ پنهنجي ۽ سندس گهر جي حفاظت ۽ امانت سلامت رکن ٿيون.

نبي اڪرم صلي الله علية وسلم جو ارشاد آهِ:

والمراة راعية على بيت زوجها وولده (٣٢)

عورت پنهنجي مرد جي گهر ۽ اولاد جي ذمة دار آهي.

هيءَ ٻي حديث ۾ ارشاد نبوي آه:

لايحل لا مراة ان تصوم وزوجها شاهدٌ الا باذنه ولا تأذن في بيته الا باذنه. (٣٣)

ڪنهن عورت لاءِ جائز نه آهي ته مڙس جي موجودگي ۾ ان جي اجازت ڪان بغير نفلي روز ورکي ۽ نة ئي ڪيس جائز آهي تة ان جي اجازت بغير ڪنهن کي ان جي گهر ۾ اچڻ جي اجازت ڏي.

هڪ حديث پاڪ ۾ نيڪ عورت جون ۽ صفون بيار ڪندي پاڻ ڪريم صلي الله علية وسلم جن فرمايو:

المرأة اذا صلت خمسها وصامت شهرها واحصنت فرجها واطاعت بعلها فلتدخل من أيّ ابواب الجنة شائت (٣٤)

اها عورت جنهن پنج وقت نماز پڙهي، رمضان جا روزا رکيا، ۽ پنهنجي اوگهڙجي حفاظت ڪئي، پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪئي پوءِ اِها عورت بهشت جي جنهن دروازي مان وٺيس داخل ٿئي

## مڙس کي خوش رکڻ:

زال تي لازم آهي ته هراهوڪم ڪري جنهن ۾ سندس مڙراضي ٿئي اها پلي عورت جي صفت آهي جيئن حديث پاڪ

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



آهي ته۔

التي تسره اذا نظر وتطيعه إذا امر ولا تخالفه في نفسها ولا ما لها بما يكره (٣٥)

اهاڙا جيڪا مڙس کي خوش رکي جڏهن ڏانهنس ڏسي، فرمانبرداري ڪري جڏهن حڪم ڪرين، پنهنجي ذات ۽ مال بابت اهڙو رويو نه هلي جيڪو سندس مڙس کي پسند نه هجي۔

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ايما امراة ماتت وزوجها عنها راض دخلت الجنة (٣٦)

فرمايو رسول الله صلي الله علية وسلم جنهن عورت جو موت ان حال ۾ ٿيو جو سندس مڙس ان کان خوش هيو اها جنت ۾ ويندي۔

## حواله:


١۔ سورة نساء: آيت ١٣٣

٢۔ سورة بقرة: آيت ٢٢٨

٣۔ ابو عيسي محمد بن عيسي سنن تر مذي، ابواب البر والصلة

٤۔ سورة تکوير: آيت ٨،٩

٥۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٣١

٦۔ مسلم بن حجاج القشيري، صحيح مسلم ڪتاب البر

٧۔ مسلم بن حجاج القشيري، صحيح مسلم ڪتاب الادب

٨۔ ابوداود سليمان بن الاشعث، سنن ابي داود ڪتاب النڪاح

٩۔ مسلم بن حجاج القشيري، صحيح مسلم ڪتاب السلام

١٠۔ سورة تکوير: آيت ٣٦

١١۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٢٣

١٢۔ سورة لقمن: آيت ١٤


© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com




١٣۔ سورة لقمن: آيت ١٣

١٤۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٢٤

١٥۔ سورة ابراهيم: آيت ٤١

١٦۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٢٣

١٧۔ صيصح مسلم كتاب الجنة

١٨۔ رواه حاكم

١٩۔ سورة نساء: آيت ١٩

٢٠۔ سورة بقرة: آيت ٢٣٦

٢١۔ سورة نساء: آيت ٤

٢٢۔ سورة بقرة: آيت ٢٣٣

٢٣۔ محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح

٢٤۔ اءبوداود سليمان بن اشعث سنن ابي داود كتاب النكاح

٢٥۔ ابوعسي محمد بن عسي الترمذي، ترمذي باب ماجاء في حق زوج علي المراة

٢٦۔ سورة الحجرات: آيت ١٣

٢٧۔ مسلم بن حجاج القشيري، صحيح مسلم باب وصيت النساء

٢٨۔ سورة نساء: آيت ١٩

٢٩۔ سورة نساء: آيت ١٢

٣٠۔ سورة نساء: آيت ٣٤

٣١۔ سورة نساء: آيت ٣٤

٣٢۔ محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح

٣٣۔ محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح

٣٤۔ محمد بن عبدالله الخطيب التبريزي مشكواة المصابيح

٣٥۔ روا. نسائي

٣٦۔ ابوعسي محمد بن عسي الترمذي، ترمذي باب ماجاء في حق زوج علي المراة


© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ

# عورتن جو لباس

## سيرت رسول عليه السلام جيّ روشني ۾

Abstract

Islam is the religion of humankind ^ explain all the human needs in Quran & Hadith very clear. The dress or wearing of cloths is human need & Islam allowed to women may choose what she wears but only required the cloths must be clean, suitable & covering the body & also loose & thickness & the dress made of silk also allowed to women & prohibited for men. It is also prohibited dress for human to show the color, skin or shape of body.

In this article I explain in detail women's dress in the light of Holy Prophet Mohammed (e) orders.

اسلام دين فطرت آهي جنهن ۾ مردن توڙي عورتن جي زندگي گذارڻ يا رهڻي ڪهڻي جا سمورا اصولَ واضح ڪيا ويا آهن. لباس يا پوشاڪ بہ انساني ضرورتن مان آهي جنهن جا حڪم قرآن ۽ حديث ۾ آيل آهن. هن مقالي ۾ عورتن جي پوشاڪ جو ذڪر سيرت رسول عليه السلام جي روشني ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

### لباس جي لغوي ۽ اصطلاحي معني

لباس جي لفظي معني ڍڪڻ آهي. جيئن پروفيسر غلام حسين جلباڻي لکي ٿو:

**اللبس:** ڪنهن شيءِ کي ڍڪڻ.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



لبس لبسا: پوشاڪ پهرڻ. ويس وڳا پهرڻ. (1)

لباس جي اصطلاحي معني آهي جسم جو اهو حصو ڍڪڻ جنهن جو ڍڪڻ مناسب آهي.

**"اللباس ما يستر الجسم. جمعه البسة ولُبس. يقال: لبس الثوب لُبسا استتر به" (2)**

**ترجمو:** جيڪو جسم کي ڍڪي انکي لباس چئبو آهي. انجو جمع البسة ۽ لبس آهي. چئي ٿو (مصنف) ته پهرڻ ڪپڙي جو يعني جيڪو جسم کي ڍڪي.

## لباس جو مقصد

لباس جي اهميت الله تعالي جي هن فرمان مان واضح ٿئي ٿي:

**"يا بني آدم قد انزلنا عليكم لباسا يواري سواتكم وريشا ولباس التقوي ذالک خير" (3)**

**ترجمو:** اي انسانو! بيشڪ اوهان تي هڪ پوشاڪ لاٿي آهي جيڪا اوهان جي اوگهڙن کي ڍڪيندي آهي ۽ سينگار جا ڪپڙا آهن. ۽ پرهيزگاري جو لباس توهان لاءِ ڀلو آهي.

پوشاڪ جو پهريون مقصد اوگهڙ ڍڪڻ آهي ۽ ٻي نمبر تي مقصد سونهن آهي. ۽ سونهن لاءِ لباس پائڻ کي ته الله تعالي قرآن مجيد ۾ حلال قرار ڏنو آهي. انکري سونهن لاءِ لباس پائڻ ۾ ڪا به شرعي روڪ نه آهي.

قرآن مجيد ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي قصي ۾ قميص جو ذڪر ڪيترن ئي جڳهن تي آيل آهي.

**"اذهبوا بقميصي هذا فالقوه علي وجه ابي" (4)**

**ترجمو:** منهنجي هيءُ قميص کڻي وڃي منهنجي پيءُ جي منهن تي گهمايو.

جڏهن ته سٽڻ پائڻ جو سڀ کان پهريون ذڪر حضرت ابراهيم عليه السلام لاءِ آيل آهي.

© rasailojaraid.com